JOIN FOR MORE!!!

# NEWTON'S INN COACHING CENTRE

A PROJECT OF WORLD WIDE EDUCATIONAL NETWORK

# SINDHI

## Sindhi Notes For Class X

/Newton's Inn Coaching Centre /Newton's Inn

Address: 1/3, Nazimabad # 2, near govt. for men college & sindh sports complex Karachi ☎ 021-36680414

NICC has the most unique & comprehensive teaching methodology. NICC offers you coaching classes for all grades from nursery till grade 12th for all boards of Pakistan, aptitude programs like MCAT-ECAT-BCAT and B.Sc & B.Com I-II.

JOIN FOR MORE!!!

# Why NICC

- Under the supervision of highly competent faculty.
- Individual attention to every student.
- Small groups (only 15 - 20 students).
- Multimedia Based Classes.
- New teaching techniques and methodologies.
- Weekly & monthly test assessment.
- Full past papers preparation.
- Transport available.
- Free career conseling.
- Computerized M.C.Qs testing system
- SMS caster service.

NEWTON'S INN COACHING CENTRE
A PROJECT OF WORLD WIDE EDUCATIONAL NETWORK

# فهرست


| سريل نمبر | عنوان |
|---|---|
| 1 | گرامر ڳالھ ٻولھ |
| 2 | مضمون |
| 3 | درخواست |
| 4 | خط |
| 5 | واحد/جمع ، الفاظ/ضد، مذکر/مونث |
| 6 | نظمن جا مرڪزي خيال |
| 7 | سوالن جا جواب |
| 8 | شعر / سمجھاڻي |
| 9 | خلاصو |
| 10 | اصطلاحن جا معنيٰ |


JOIN FOR MORE!!!

# گرامر ڳاله ٻوله

## اسم:(Noun)

اُهي لفظ جيڪي ڪنهن به جاندار شي جاءِ يا نالي کي ظاهر ڪري تن کي اسم چئبو آهي.

**مثال**: ۱ .سنهنجو گهر وڏو آهي. ڪراچي هڪ وڏو شهر آهي. گهوڙو وڏو جانور آهي.

## ضمير:(Pronoun)

اُهي لفظ جيڪي اسم جي جاءِ تي ڪم اچن تن کي ضمير چئبو آهي.

**مثال:** آءُ، اسڪول ويندو آهيان. تون ڪٿي ٿو وڃين. اسين سڀ پاڻ ۾ يائر آهيون.

## صفت:(Adjective)

اُهي لفظ جيڪي اسم جي ڳڻ،اوڳڻ، رنگ، قد يا مقدار کي ظاهر ڪري تن کي صفت چئبو آ هي.

**مثال:** ها ٿي ٿلهو جانور آهي. ڪار جو رنگ ڳاڙهو آ هي. فاروق سنو چوڪرو آهي.

## فعل:(Verb)

اُهي لفظ جيڪي اسم جي ڪم ڪرڻ کي ظاهر ڪري تن کي فعل چئبو آهي.

**مثال**: ٻکي خوراڪ کائيندا آهن. ڪله مون حيدرآباد ويندس. علي خط لکندو آهي.

## ظرف:(Adverb)

اُهي لفظ جيڪي صفت فعل يا ٻئي ظرف سان لڳي انهن ۾ وقت
ريت قدر يا انڪار کي ظاهر ڪري تن کي ظرف چئبو آهي.

**مثال:** خالد ڪم ۾ تکو آهي.

اڄ موڪل آهي.

ڪريم آهستي هلي ٿو.

JOIN FOR MORE!!!

**حرفِ جر:** (Preposition)

اُهي لفظ جيڪي ٻن اسمن ياضميرن کي پاڻ ۾ملائينءِجملي ۾ نيڪ مطلب ظاهر ڪرن تن کي حرفِ جر چئبو آهي.

**مثال:** سون وٽ پنج قلم آهن.

گلاس ۾ پاني آهي.

ميز تي ڪتاب رک.

**حرفِ جملو:** (conjunction)

اُهي لفظ جيڪي ٻن لفظن ياجملن کي پاڻ ۾ ملائين تن کي حرفِ جملو چئبو آهي.

**مثال:** سون ۽ انور دوست آهيون.

علي آيو پر تون نه هيئن.

سنڌي ۽ اردو ۾ لکو.

**حرفِ ندا:** (Interjection)

اُهي لفظ جيڪي خوشي غمي ارمان تعجب وغيره کي ظاهر ڪري تن کي حرفِ ندا چئبو آهي.

**مثال:** سون سعيد کي پاس ٿين تي شاباش ڏني.

اڙي ! انور فيل ٿي ويو.

هاءِ هاءِ ! وڏو تيز طوفان آهي

JOIN FOR MORE!!!

**سوال ۱: پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماستر ڪي في ۽ معافي لاءِ درخواست لکو.**

بخدمت جناب هيڊ ماستر صاحب،

ا.ب.ج سيڪنڊري اسڪول،

ڪراچي.

جنابِ عالي !

گذارش عرض ڪريان ٿو/ٿي ته مان اوهان جي اسڪول جي ڪلاس ڏهين ۾ پڙهندو / پڙهندي آهيان.منهنجي والد صاحب هڪ نجي اداري ۾ ملازم آهن.سندس پگهارتمام گهٽ آهي.انڪري گهر جو گذارو به مشڪل سان هلي ٿو. تنهنڪري منهنجو پيءُ منهنجي ماهانا في ۽ ڏئي نٿو سگهي.

تنهنڪري سائين جن کي عرض آهي ته منهنجي اسڪول جي ماهانا في ۽ معاف ڪرڻ فرمائيندا ته مان اوهان جي لاءِ دعاگو رهندس/رهنديس.

مهرباني ،

فقط،

اوهان جو /جي فرمانبردار شاگرد/شاگردياڻي.

ا. ب. ج

ڪلاس: ڏهين

تاريخ:

JOIN FOR MORE!!!

**سوال ٢: پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماستر کي پڪنڪ ملهائڻ لاءِ درخواست لکو.**

بخدمت جناب هيڊ ماستر صاحب،

ا.ب.ج سيڪنڊري اسڪول،

ڪراچي.

جنابِ عالي !

گذارش عرض هن ريت آهي ته اسان ڪلاس ڏين جا شاگرد ڪلفٽن/سفاري پارڪ/ڪينجهر ڍنڍ پڪنڪ تي وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي ۽ ان پڪنڪ تي ٽيل خرچو پوروڪرڻ لاءِ اسين سڀ پئسا به جمع ڪيا آهن ۽ اينڊڙ ڇنڇر کي پڪنڪ تي ويندا سين.

تنهنڪري سائين جن کي عرض آهي ته اسين سڀ شاگردن کي اچڻ واري ڇنڇر کي پڪنڪ تي وڃڻ جي اجازت عنايت ڪندا سين. ان لاءِ اسين اوهان جا شڪر گذار رهنداسون.

مهرباني،

فقط اوهان جا/جون فرمانبردار شاگرد/ شاگرد ياڻيون.

ا . ب . ج

ڪلاس: ڏهين

تاريخ:

JOIN
FOR
MORE!!!

**سوال ۳: پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماستر کي پنج/ٽن/چئن ڏينهن جي موڪل لاءِ درخواست لکو.**

بخدمت جناب هيڊ ماستر صاحب،

ا.ب.ج سيڪنڊري اسڪول،

ڪراچي.

جنابِ عالي!

گذارش عرض ڪريان ٿو/ٿي ته مان اوهان جي اسڪول جي ڪلاس ڏهين ۾ پڙهندو / پڙهندي آهيان. عرض ڪريان ٿو/ ٿي ته منهنجي وڏي ڀاءُ جي شادي آهي. ان شادي ۾ منهنجي شرڪت به ضروري آهي.

تنهنڪري سائين جن کي عرض آهي ته مونکي چئن ڏينهن جي موڪل جيڪو تاريخ ۲۱ کان ۲۴ ٿيندي. سائين جي هن عنايت تي مون هميشه احسانمند رهندس/رهنديس.

مهرباني،

فقط،

اوهان جو /جي فرمانبردار شاگرد/شاگرد ياڻي.

ا. ب. ج

ڪلاس: ڏهين

تاريخ:

JOIN FOR MORE!!!

**سوال ٣: پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماسترڪي بورڊ جي داخلا لاءِ درخواست لکو.**

بخدمت جناب هيڊ ماستر صاحب،

ا.ب.ج سيڪنڊري اسڪول،

مهه ڪراچي-

جنابِ عالي !

گذارش عرض ڪريان ٿو/ٿي تہ مان اوهان جي اسڪول جي ڪلاس ڏهين ۾ پڙهندو / پڙهندي آهيان.۽ عرض ڪريان ٿو/ ٿي تہ جنهن اسڪول ۾ مون پڙهي رهيو/ رهي آهيان.اهو منهنجي گهر کان گهڻو پري آهي. ۽ مون کي اسڪول اچڻ وڃڻ ۾ مشڪل ٿيندي آهي.

تنهنڪري سائين جن کي عرض آهي تہ مونکي پنهنجي اسڪول ۾ داخلا ڏيڻ فرمائيند تہ سائين جي هن عنايت تي مون اوهان جو /جي هميشہاحسان مند رهندس/ رهنديس

مهرباني ،

فقط.

فقط.

اوهان جو /جي فرمانبردار شاگرد/شاگرد ياڻي.

ا. ب. ج

ڪلاس: ڏهين

تاريخ:

JOIN FOR MORE!!!

**سوال ۵: پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماستر کي ٻارن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو.**

بخدمت جناب هيڊ ماستر صاحب،

ا.ب.ج سيڪنڊري اسڪول،

ڪراچي.

JOIN FOR MORE!!!

جنابِ عالي :

گذارش عرض آهي ته اسان ڪلاس ڏهين جي شاگردن /شاگردياڻين پنهنجي اسڪول ۾ اچڻ واري چنچر جي ڏينهن ٻارن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو پروگرام ٺاهيو آهي.جنهن ۾ اسان کي ٻارن جي صلاحيتن کي اُجاگر ڪرڻ جو موقعو ملندو.

تنهنڪري سائين جن کي عرض آهي ته اسين سڀ شاگردن کي اچڻ واري چنچر کي ٻارن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جي اجازت عنايت ڪندا ته ان لاءِ .اسين اوهان جا شڪر گذار رهنداسين.

مهرباني،

فقط اوهان جا/جون فرمانبردار شاگرد/ شاگردياڻيون.

ا . ب . ج

ڪلاس:ڏهين

تاريخ:

**سوال ٦: پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماستر کي سنڌ جي ثقافت /شاھ لطيف جو ڏينهن ملهائڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو.**

بخدمت جناب هيڊ ماستر صاحب،

ا.ب.ج سيڪنڊري اسڪول،

ڪراچي.

جنابِ عالي :

گذارش عرض آهي ته اسان ڪلاس ڏهين جي شاگردن /شاگردياڻين پنهنجي اسڪول ۾ اچڻ واري ڇنڇر جي ڏينهن سنڌ جي ثقافت/شاھ عبداللطيف جو ڏينهن ملهائڻ جو پروگرام بڻايو آهي.جنهن ۾ اسان کي سنڌ جي ثقافت/شاھ سائين جي ڪلام بابت معلومات حاصل ٿيندي.

تنهنڪري سائين جن کي عرض آهي ته اسين سڀ شاگردن کي اچڻ واري ڇنڇر کي سنڌ جي ثقافت/شاھ عبداللطيف جو ڏينهن ملهائڻ جي اجازت عنايت ڪندا ته ان لاءِ اسين اوهان جا شڪر گذار رهنداسين.

مهرباني،

فقط اوهان جا/جون فرمانبردار شاگرد/ شاگردياڻيون.

ا . ب . ج

ڪلاس:ڏهين

تاريخ:

JOIN FOR MORE!!!

**سوال ۶: پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماستر / ماسترياڻي کي اسڪول ڇڏڻ جو سرٽيفڪيٽ يا ٽرانسفر سرٽيفڪيٽ ڪڍائڻ لاءِ درخواست لکو.**

بخدمت جناب هيڊ ماستر صاحب،

ا.ب.ج سيڪنڊري اسڪول،

ڪراچي.

جنابِ عالي !

گذارش عرض ڪريان ٿو/ٿي تہ مان اوهان جي اسڪول جي ڪلاس ڏهين ۾ پڙهندو / پڙهندي آهيان.منهنجي والد صاحب هڪ سرڪاري اداري ۾ ملازم آهن.انڪري ان جي بدلي حيدرآباد ٿي وئي آهي.۽ گهر جا سڀ ڀاتي حيدرآباد وڃي رهيا آهن تنهنڪري مونکي وڃڻو پوندو.

تنهنڪري سائين اوهان کي عرض آهي تہ مونکي ٽي.سي. يعني اسڪول ڇڏڻ جو سرٽيفڪيٽ عنايت ڪندا تہ جيئن مان حيدرآباد ۾ داخلو وٺي پنهنجي تعليم جاري رکي سگهان/سگهيان.

مهرباني ،

فقط،

اوهان جو /جي فرمانبردار شاگرد/شاگرد ياڻي.

ا. ب. ج

ڪلاس: ڏهين

تاريخ:

JOIN FOR MORE!!!

**اهم سوال: اُستادَ ياد ڪرائيندا.**

١. جشنِ عيد ميلادالنبي ﷺ ملهائڻ لاءِ درخواست لکو.

٢. سنڌ جي ٻوڏ متاثرين جي مدد لاءِ درخواست لکو.

٣. ٿرجي ڏُڪاريل ماڻهن جي مدد لاءِ درخواست لکو.

٤. زلزلي جي متاثرين جي مدد لاءِ درخواست لکو.

٥. يومِ دفاع ملهائڻ لاءِ درخواست لکو.

٦. يومِ پاڪستان ملهائڻ لاءِ درخواست لکو.

٧. راندين جو هفتو ملهائڻ لاءِ درخواست لکو.

JOIN FOR MORE!!!

# خطَ

**۱. پنهنجي دوست کي خط لکي کيس امتحان ۾ پاس ٿيڻ تي مبارڪباد ڏيو.**

امتحاني ڪمرو،

ڪراچي سنڌ،

تاريخ: ٦.١١.٢٠٢١

JOIN FOR MORE!!!

پيارا دوست ا. ب. ج،

شال خوش هجو (آمين)

السلامُ عليڪم.

هت سڀ خير آهي. ته الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان اوهان

ڏانهن به سڀ خير هوندي..

٥ احوال هي آهي ته اڄ مئٽرڪ جو نتيجو جڪتو آهي. اوهان جو نمبر اي گريڊ ۾ ڏسي ڏاڍي

خوشي ٿي. اوهان جي ان شاندار ڪاميابي تي منهنجي ۽ منهنجي گهر طرفان اوهان کي گهڻي ون

مبارڪون هجن. اُميد ته توهان اڳتي به اهڙي طرح ڪاميابيون حاصل ڪندا.

بيو سڀ خير آهي. منهنجي طرفان سيني گهر وارن کي سلام ۽ ننڍن کي پيار

ڪجان.

خدا حافظ،

فقط اوهان جو دوست،

ا. ب. ج.

## ٢. پنهنجي والد کي خط لکي ڪتابن ۽ ڪاپين لاءِ پيسا طلب ڪريو.

امتحاني ڪمرو،

ڪراچي سنڌ،

تاريخ: ٦.١١.٢٠٢١

پيارا بابا سائين ،

شال خوش هجو(آمين)

JOIN FOR MORE!!!

السلامُ عليڪم .

هت سڀ خير آهي.تہ الله تعالي جي فضل و ڪرم سان اوهان ڏانهن بہ سڀ خير هوندي..

٥ احوال هي آهي تہ مان اوهان جي دعائن سان نائون درجو سٺن نمبرن سان پاس ڪري چُڪو آهيان. هاڻي مون کي ڏهين درجي لاءِ ڪتابن ۽ڪاپين جي ضرورت آهي ۽ جلد خريد ڪرڻيون آهن.

مهرباني ڪري مون ڏانهن پنج هزار رُپيا (٥٠٠٠)مني آرڊر ذريعي موڪليندا . پيو سڀ خير آهي. منهنجي طرفان سيني گهر وارن کي سلام ڏجان.

خداحافظ.

اوهان جو فرزند.

ا.ب.ج.

ڪلاس ڏهين.

# واحد جي جمع لکو

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| عزت | عزتون | همت | همتون |
| جهندو | جهندا | قوم | قومون |
| بهاري | بهاريون | مُند | مُندون |
| هاري | هاريون | گهوڙي | گهوڙيون |
| وڻُ | وڻَ | سورتي | سورتيون |
| عورت | عورتون | ڳاڙهو | ڳاڙها |
| استادُ | استادَ | هندورو | هندورا |
| پاءُ | پائر | چادر | چادرون |
| قوم | قومون | ڪپڙو | ڪپڙا |
| خصلت | خصلتون | جنازو | جنازا |
| مشين | مشينون | دعوت | دعوتون |
| چوڪري | چوڪريون | منڙو | منڙا |
| چپي | چپيون | سوڪڙي | سوڪڙيون |
| ڳاله | ڳالهيون | ٽوڪري | ٽوڪريون |
| اسڪولُ | اسڪولَ | آک | آکيون |
| ماڻهوُ | ماڻهوَ | چوڪرو | چوڪرا |

JOIN FOR MORE!!!

| | | | |
|---|---|---|---|
| مورتي | مورتيون | هلڪو | هلڪا |
| ٻولي | ٻوليون | شي ءَ | شيون |
| شڪل | شڪليون | ڪوسو | ڪوسا |
| ڪتابُ | ڪتابَ | فيصلو | فيصلا |
| نصيحت | نصيحتون | علامت | علامتون |
| سٽي | سٽيون | موچاري | موچاريون |
| ڏيئو | ڏيئرون | سهٽو | سهٽا |
| رانڊُ | رانڊَ | وفا | وفائون |
| اجهو | اجها | اجرڪ | اجرڪون |
| قلمُ | قلمَ | مڪ | مڪيون |
| سنهو | سنها | ڪنجي | ڪنجيون |
| سزا | سزائون | رانديڪو | رانديڪا |
| بيتُ | بيتَ | ڳوڙهو | ڳوڙها |
| ڪٽ | ڪٽون | ڪرسي | ڪرسيون |
| نلڪو | نلڪا | ترقي | ترقيون |
| قرضُ | قرضَ | حيلو | حيلا |
| مبارڪ | مبارڪون | دروازو | دروازا |
| عينڪ | عينڪون | بلبُ | بلبَ |
| واچ | واچون | ڪتي | ڪتيون |

JOIN FOR MORE!!!

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٻڪري | ٻڪريون | پڪو | پڪا |
| ڏوٻي | ڏوٻي | ڀيڻ | ڀينرون |
| ڪنڌو | ڪنڌا | ڀت | ڀتيون |
| آنو | آنا | ملاڪڙو | ملاڪڙا |
| فضاء | فضائون | تحفو | تحفا |
| ٽوپي | ٽوپيون | پوشاڪ | وشاڪون |
| حڪومت | حڪومتون | ملڪُ | ملڪَ |
| ساءُ | سائرون | گورو | گورا |
| نغمو | نغما | حصو | حصا |
| ماني | مانيون | رسم | رسمون |
| ٽنگ | ٽنگون | تارو | تارا |
| ستارو | ستارا | خطاء | خطائون |
| آڪاٽي | آڪاٽيون | روزو | روزا |

JOIN FOR MORE!!!

# مذڪر جي مونث لکو:

| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
|---|---|---|---|
| ڪانُ | ڪانويلي | گهيٽو | رِڍ |
| گهوٽ | ڪنوار | ڀاءُ | ڀيڻ |
| ڪبوتر | ڪبوتري | ٻڪرُ | ٻڪري |
| مور | ڍيل | اُٺ | ڏاچي |
| حاجي | حاجياڻي | ڊاڪٽر | ڊاڪٽرياڻي |
| پيءُ | ماءُ | سوٽُ | سوٽِ |
| چگو | چگي | ناٺي | نُنهن |
| شاعر | شاعره/ياڻي | درزي | درزڻ |
| نينگر | نينگري | ڀاڻيجو | ڀاڻيجي |
| جيٺ | جيٺاڻي | واڍو | واڍياڻي |
| مالهي | مالهڻ | مالڪ | مالڪڻ |
| ڏاند | ڳئون | ڦُڦڙ | ڦُڦي |
| سُهرو | سَسِ | جهرڪ | جهرڪي |
| سانه.سانُ | سِينهن | شينهن | شينهڻ |
| پُٽ | ڌي | ماستر | ماسترياڻي |
| شهزادو | شهزادي | پاڏو | وڇ |

JOIN FOR MORE!!!

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏاگهو | ڏاگهي/گوري | سهٽو | سهٽي |
| گابو | گابي | پروفيسر | روفيسرياڻي |
| گدڙ | گداڙي | پائيتو | پائيتي |
| ڏير | ڏيرياڻي | ڌوبي | ڌوبڻ |
| ڇيلو | ڇيلي | مڪڙ | مڪڙي |
| ابو | امي | مڙس | زال |
| پُٽ | ڌي | هاٿي | هاٿڻ |
| ڪتو | ڪتي | ماسڙ | ماسي |
| فقير | فقيرياڻي | پيءُ | ماءُ |
| شاگرد | شاگردياڻي | نوڪر | نوڪرياڻي |
| پاڏيجو | پاڏيجي | ادو | ادي |
| ڏڳو | ڏڳي | ڳيرو | ڳيري |
| گهوڙو | گهوڙي | هرڻ | هرڻي |
| رڇ | رڇڻ | ماساتُ | ماساتِ |
| مرد | عورت | ماروٽُ | ماروٽِ |

JOIN FOR MORE!!!

## لفظ ضد

| الفاظ | ضد | الفاظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اُڌاري | نقدي | عجمي | عربي |

| | | | |
|---|---|---|---|
| حرام | حلال | آقا | ٻانها |
| انتها | ابتداء | پڇاڙي | اڳياڙي |
| ڪمال | زوال | اعليٰ | ادني |
| گهٽ | وڌ | ولادت | وصال |
| والد | والده | خلاف | حمايت |
| خادم | مخدوم | آڳي | نوڪر |
| اُڀ | ڀُون | ڀلي | بُري |
| ڪوڙي | سچي | ڪرم | ظلم |
| نيڪي | بدي | بلندي | پستي |
| برائي | ڀلائي | آسمان | زمين |
| رهبر | رهزن | صحيح | غلط |
| ڪاميابي | ناڪامي | سخي | بخيل |
| نيڪ | بد | کليل | بند |
| خوشي | غمي | ڳوٺن | شهرن |
| اميري | غريبي | ڀلي | بري |
| خاص | عام | مرڻ | جيئڻ |
| عوام | خواص | نئون | پراڻو |
| ڪاميابون | نا ڪاميون | قديم | جديد |
| پڪيون | ڪچيون | شهر | ڳوٺ |

JOIN FOR MORE!!!

| | | | |
|---|---|---|---|
| خراب | ستو | تڪرار | صُلح |
| جنگ | امن | نقصان | فائدو |
| خالي | ڀريل | سڃو | اڌُ |
| ملڪي | غير ملڪي | ڏيهه | پرڏيهه |
| ڳوڙ | سانت | تعريف | گِلا |
| گُل | ڪندو.خار | اُڇا | سادا |
| پُرِيرو | ويجهو | مهمان | ميزبان |
| ڏاريا | پنهنجا | آباد | غيرآباد |
| گهٽي | ٿوري | پيراندي | سيراندي |
| جهونن | نئون | ڪوسو | ٿڌو |
| منا | ڪتا | امرت | زهر |
| مڙس | زال | اڳهو | سگهو |
| اوير | سوير | عالم | جاهل |

JOIN FOR MORE!!!

# نظمن جا مرڪزي خيال

## نظم: وائي آهيون الف آسري محمد مجيوسون

**شاعر جو نالو: حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيؒ**

هن نظم جو مرڪزي خيال هي آهي ته اسين الله تعالىٰ جي آسري تي آهيون. ۽ محمدجن کي پنهنجو آخري نبي پيشوا ڪري مڃيو آهي. هن دنيا جو وارث الله تعالىٰ آهي. جو ته الله تعالىٰ جو هن دنيا کي حڪم ڏنل آهي. هي ۽ دنيا فاني آهي. ۽ ٻن ڏينهن جي لاءِ آهي. انڪري ڪوڙ ڇڏي سادگي ۽ سان زندگي گذاريو.

JOIN FOR MORE!!!

## نظم: نيڪي

**شاعر جو نالو: محمد صديق مسافر**

هن نظم جي مرڪزي خيال ۾ شاعر محمد صديق مسافر پنهنجي دل کي برائين کان پاڪ رکڻ ۽ نيڪي جي رستي تي هلڻ ۽ برائي جو جواب ڀلائي سان ڏيڻ .خلوص.عاجزي ۽ نيڪي ڪرڻ جو درس ڏنل آهي. ۽ انسان کي نياز ۽ نوڙت اختيار ڪرڻ گهرجي. الله تعالىٰ اسان کي توفيق ڏي ته سندس ذڪر سان پنهنجي دل کي ربّ جو گهر بڻايون.

# نظم: دُعا

**شاعر جو نالو: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي**

هن نظم جي مرڪزي خيال ۾ شاعر حڪيم فتح محمد سيوهاڻي الله تعالیٰ کان دُعا گهرڻ ٿا تہ اي مولا اسان جي دين ۽ ايمان جي سلامتي ۽ سڄي دنيا ۾ دينِ اسلام کي عروج نصيب ڪري ۽ تمام مسلمانن کي مصيبتن ۽ آفتن کان محفوظ رکي ۽ خوشحال بڻائي. دينِ اسلام جي ڪلمي پاڪ کي سموري دنيا ۾ بُلندي ۽ عروج عطا فرمائي.

JOIN FOR MORE!!!

# نظم: سچل سرمست جا بيت

**شاعر جو نالو: سچل سرمستؒ**

هن نظم ۾ سنڌ جي مشهور بزرگ ۽ هفت زبان شاعر سچل سرمستؒ مرڪزي خيال ۾ سَسّي پنهون ءَ جي رومانوي داستان جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن ۾ حقيقي محبوب الله تعالیٰ کي بڻائي پنهنجي محبوب جي بغير گذاريل زندگي ءَ جو ذڪر ڪيو آهي. پنهنجي محبوب جي بغير سَسّي بيمار ٿي چُڪي آهي ۽ محبوب جي واپس اچڻ تي تندرست ٿيڻ جي دعا ڪري ٿي. ۽ هي سبق ڏيندو آهي تہ محبت ڪرڻ وارا سدائين دل ۾ موجود رهندا آهن.

border education

## نظم: ڏيئو

### شاعر جو نالو: ليکراج ڪِشنچند عزيز

هي نظم ڏيئو جو مرڪزي خيال آهي. جنهن ۾ شاعر ليکراج ڪِشنچند عزيز انسانن کي ڏيئي جي زندگي ۽ مان سبق حاصل ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. ته ڏيئو سڄي رات پوري سچائي سان گڏ امير. غريب. ڏاريا ۽ پنهنجا سيني جي راتين کي روشن ڪندو آهي. ڏيئي جي ٻرڻ سان ظلمت ختم ٿئي ٿي ۽ ڏيئو عاجزي اختيار ڪندي پنهنجي زندگي بچائي ٿو. ۽ رات جو رستي تي هلڻ واري مسافرن جي رهنمائي ڪندو آهي.

JOIN FOR MORE!!!

## نظم: ٻڌايون سُک جو ڪو سنسار

### شاعر جو نالو: عبدالڪريم گدائي

هن نظم جي مرڪزي خيال ۾ شاعرعبدالڪريم گدائي انسانن کي پاڻ ۾ حقارت . ڪدورت. ڪينو. بغض. حسد ۽ ذاتين پاتين جو فرق ختم ڪرڻ جو درس ڏنل آهي. چو ته اُهي سڀ جنگ ۽ فساد ۾ بيگناهن جو رَت وهي ٿو. ۽ ان نفرتن جي ڪري سڄي دنيا سڙي رهي آهي. دينِ اسلام به اسانکي پيار ۽ محبت جو درس ڏئي ٿو. انڪري پاڻ ۾ گوري ۽ ڪاري جو فرق ختم ڪري ڪو سک جو سنسار بڻائڻ لاءِ چيو آهي.

# نظم: پيارا وطن

### شاعر جو نالو: سليم ڳاڙهوي الهورايو مهر

هن نظم جو شاعر سليم ڳاڙهويالهورايو مهرمرڪزي خيال بيان ڪندي چئي ٿو ته هر انسان کي پنهنجي وطن سان محبت رکڻ گهرجي ۽ پنهنجي پياري وطن کي خوشحال آباد ۽ ترقي يافته بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گُهرجي.انڪري شاعر پياري وطن جي مٽان پنهنجي محبت جا سوين سلام پيش ڪري ٿو ۽ اللهﷻتعاليٰ کان دُعا ڪري ٿو.ته سندس رحمت جا ڪَڪرّ هميشه منهنجي پياري وطن تي وسندا رهڻ.

JOIN FOR MORE!!!

## نظم: هاري

### شاعر جو نالو: بردو سنڌي محمد رمضان

هي نظم هاري جو مرڪزي خيال آهي.جنهن ۾ شاعر بردو سنڌي هاري جي خدمات کي ڏسي سندس ڳُڻ ڳائيندو آهي ۽ سڄي دنيا کي ٻُڌائيندو آهي.ته هاري جي محنت جي انسانن جي بُک بيماري ۽ بدحالي جو خاتمو ٿئي ٿو ۽ ملڪ ۾ خوشحالي اچي ٿي..سندس انهي ۽ ڪم جي ڪري شاعر هاري کي هميشه خوشحال .تندرست ۽ سلامت رکڻ جي دُعا ٿو ڪري.

جواب: نانگ انعام جو اڌ حصو ڏيڻ جي شرط تي ڪڙمي کي خوابن جو تعبير ٻڌايو.

سوال٦: هن آڪاڻي مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿو؟

جواب: هن آڪاڻي مان اسانکي اها نصيحت ملي ٿي ته ملڪي حالتن جو اثر رعايا تي پوندو آهي. انڪري جهڙو راج تهڙو ياڳ ۽ جهڙي راجا تهڙي پرجا.

## نظم: آهيون الف آسري محمد ﷺ محبوسون (وائي)

### هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

سوال ١: اُپ ۽ پون ڪنهن خلقيا آهن؟

جواب: اُپ ۽ پون ڏڻي تعاليٰ خلقيا آهن.

سوال ٢: هي ۽ ڪوڙي دنيا گهٽا ڏينهن آهي؟

جواب: هي ۽ ڪوڙي دنيا ڏون ڏينهن جي لاءِ آهي.

سوال ٣: اسين ڪنهن جي آسري آهيون؟

جواب: اسين ڏڻي تعاليٰ جي آسري آهيون.

## نظم: نيڪي

### هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

سوال ١: شاعر خدا جو گهر ڪهڙي دل کي ٿو سڏي؟

جواب: شاعر خدا جو گهر اهڙي دل کي ٿو سڏي جنهن دل ۾ ڪرم، لطف ۽ نيڪي سمايل آهي.

سوال ٢: پيو نمبر رباعي ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي؟

جواب: پيو نمبر رباعي ۾ بُرائي جو جواب ڀلائي سان ڏيڻ جي نصيحت سمايل آهي.

سوال ٣: بُلندي حاصل ڪرڻ لاءِ شاعر ڪهڙي صلاح ٿو ڏيئي؟

جواب: بُلندي حاصل ڪرڻ لاءِ شاعر اسانکي سدائين نوڙي هلڻ جي صلاح ٿو ڏيئي.

JOIN FOR MORE!!!

# نظم: دُعا

## هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

سوال ۱ :شاعر اللہ تعالیٰ کان ڪهڙي دُعا ٿو گهري؟

جواب:شاعر هن نظم ۾ پنهنجي دين ۽ ايمان جي سلامتي ۽ مسلمانن جي عزت ۽ آبرو جي حفاظت لاءِ دُعا ٿو ڪري.

سوال ۲ :اسلام جي ڪلمي لاءِ شاعر ڪهڙي دُعا ٿو گُهري؟

جواب:شاعر مذهبِ اسلام جي ڪلمي پاڪ جي شان بلند ۽ بالا رکڻ لاءِ جي دُعا گهري ٿو.

سوال۳ :قوم جي لاءِ شاعر جي دل ۾ ڪهڙي سوال ٿا اُڀرن؟

جواب: قوم جي لاءِ شاعر جي دل ۾ اِهي سوال اُڀرن ٿا ته اي مولا اسان جي قوم مسڪين ۽ غمگين آهي.قرض ۽ مرض ۾ مبتلا آهي.تون اسان سان راضي ٿي تمام مشڪلات سان آزاد ڪري ڇڏ.

JOIN FOR MORE!!!

# نظم: سچل سرمستؒ جا بيت

## هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

سوال ۱ :حضرت سچل سرمستؒ جي «هوت» مان مراد ڪهڙي آهي؟

جواب: حضرت سچل سرمستؒ جي «هوت» مان مراد محبوب جي آهي.

سوال ۲ :پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ شاعر جو وقت ڪيئن ٿو گذري؟

جواب: پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ شاعر جو وقت راهه نهاريندي ٿو گذري.

سوال۳ :پُنهون ءَ جي جدائي ءَ ۾ سسّي کي ڀنڀور شهر ڪيئن ٿو نظر اچي؟

جواب: پُنهون ءَ جي جدائي ءَ ۾ سسّي کي ڀنڀور شهر بي لذت ۽ ويران نظر اچي ٿو.

## نظم: ڏيئو

### هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

سوال ۱ : ڪڪائن گهرن کي ڪير روشن ڪري ٿو؟

جواب: ڪڪائن گهرن کي ڏيئو روشن ڪري ٿو.

سوال ۲ : ڏيئي ۾ ڪهڙي چڱائي رکيل آهي؟

جواب: ڏيئي ۾ اها چڱائي رکيل آهي تہ هو پاڻ جلي ٻين کي سُهائي (روشني) ڏئي ٿو.

سوال۳ : ڏيئي وٽ نوڙت جي ڪهڙي نشاني آهي؟

جواب: ڏيئو تيز هوائن ۾ نوڙت جو اظهار ڪندي پنهنجي لاٽ کي جهڪائي زندگي بچائي ٿو.

سوال۴: شعر جي آخري ٻن سٽن مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

جواب: شعر جي آخري ٻن سٽن مان اسانکي پنهنجي تڪليف کي ڀُلائي ٻين جي مدد ڪرڻ جي نصيحت ملي ٿي.

## نظم: ٿابيون سک جو ڪوهسار

### هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

سوال ۱ : جنگ ۽ فساد جو باعث ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

جواب: ذاتيون پاتيون فخر وڏايون ۽ رنگ ونسل جو پرچار جنگ ۽ فساد جو باعث آهن.

سوال ۲ : نفرت جي پرچار جو ڪهڙو نتيجو نڪتو آهي؟

جواب: جنگ ۽ جدل و انسانن جا قتل نفرت جي پرچار جو نتيجو نڪتو آهي.

## نظم: پيارا وطن

### هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

سوال ١ :شاعر جان جو جياپو ڪنهن کي ٿو سڏي؟

جواب:شاعر جان جو جياپو پياري وطن کي ٿو سڏي.

سوال ٢ :شاعر ڪنهن جي مٿان سر ساهه گهورڻ ٿو گهري؟

جواب:شاعر پنهنجي پياري وطن جي مٿان سر ۽ ساهه گهورڻ ٿو گهري.

سوال٣ :شاعر وطن کي ڪهڙي دعا ٿو ڪري؟

جواب:شاعر وطن کي تمام شهر ۽ ڳوٺ آباد رهن ۽ رحمت جا ڪڪر ان تي هميشه وسندا رهڻ جي دعا ٿو ڪري.

JOIN FOR MORE!!!

## نظم: هاري

### هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

سوال ١ :شاعر ملڪ مٽي جا جي جيارا ڪنهن کي ٿو سڏي؟

جواب:شاعر ملڪ مٽي جا جي جيارا هاري کي ٿو سڏي.

سوال ٢ : هاري جي محنت ڪهڙو رنگ لڳائي ٿي؟

جواب: هاري جي محنت خوشحالي جو رنگ لڳائي ٿي.

سوال٣ :سَلي سَلي جي سنيا رسان ڇا ٿو ٿئي؟

جواب:سَلي سَلي جي سنيا رسان پيداوار وڌندي آهي.

سوال٤:شاعر هاري ۽ کي ڪهڙي دعا ٿو ڪري؟

جواب: هن نظم ۾ شاعر هاري کي سدائين زنده سلامت ۽ تندرست رهڻ جي دُعا ٿو ڪري.

**شعر۳:**

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ هفت زبان شاعر سچَل سرمست سسئيءَ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته آءُ تنهنجي سرتاج پنهون جي واپس اچڻ جو هر روز راهه نهاريندي آهيان ۽ ان جو انتظار ڪندي آهيان. ڇو ته مون پنهنجو سڀ ڪجهه سندس نالي ڪري ڇڏيو آهي.منهنجي الله ڪان دعا آهي. ته هو هڪ ڏينهن منهنجي محبوب کي ضرور واپس آڻيندو.

**شعر۴:**

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ هفت زبان شاعر سسئيءَ جي زباني پُنهونءَ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته اي مُنهنجي محبوب جڏهن ڪان وٺي تُون هتان ڪان هليو ويو آهين تڏهن ڪان سمورو ڀنڀور شهر مون لاءِ جي لذت ۽ ويران ٿي پيو آهي.تنهنجي غير موجودگي ۾ ڪوئي مونکي ڪزت نٿو ڏئيءِ آءُ بيمار ٿي پئي آهيان.ته تون مونئي اچ ته توکي ڏسي آءُ تندرست ٿي وڃان.

**شعر۵:**

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ هفت زبان شاعر سسئيءَ جي رُوپ ۾ فرمائي ٿو ته الله پاڪ آءُ محبوب جي ڳولا ڪندي ان نتيجي تي پُهتي آهيان ته الله تعالي جو وجود ته منهنجي اندر موجود آهي. جڏهن ان بابت سوچيو ته دل پڻ ساڳي شاهد ڏني پوءِ منهنجا سڀ شڪ گُمان ۽ وهم ختم ٿي ويا.

JOIN FOR MORE!!!

لڳين ٿو. خدا ڪري تہ تون هميشہ خوشسحال ۽ آباد رهين.

**شعر۵:**

**سمجهاڻي:** هن شعر ۾ شاعر وطن سان عقيدت جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو تہ اي منهنجا پيارا وطن تنهنجي مٽي ۾ مُشڪ ۽ هلڻ واري هوائن ۾ ان مُشڪ جي خوشبو آهي.تون ۾ وهندڙ سندو دريا جي هرهڪ موج اسان جي لاءِ آبِ حيات آهي.

**شعر٦:**

**سمجهاڻي:** هن شعر ۾ شاعر وطن کي دُعا ڪندي فرمائي ٿو تہ اي منهنجا پيارا وطن خدا ڪري تہ تنهنجا تمام ڳوٺ ۽ شهر هميشہ آباد رهن ۽ رحمت جو ڪَڪر ۽ برساتون سدائين تون تي وسنديون رهن.

**شعر٧:**

**سمجهاڻي:** هن شعر ۾ شاعر سليم ڳاڙهوي وطن سان عقيدت جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو تہ اي منهنجا سُونهن ڀريل دلدار وطن منهنجي محبت جا سوين سلام هجن.

## نظم: هاري

**شعر۱:**

**حوالو نظم ۽ شاعر:** هي شعر نظم «هاري» کان ورتل آهي. جنهن جو شاعر بردو سنڌي آهي.

**سمجهاڻي:** هن شعر ۾ شاعر بردو سنڌي هاري جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ اي هاري تون ان پياري ملڪ جو هر دلعزيز ۽ طاقتور شخص آهين ۽ تون سان اسانجي وطن جو شان آهين.

JOIN FOR MORE!!!

ڪري.

**شعر:**

**سمجهاڻي:** هي هاري نظم جو آخري شعر آهي هن شعر ۾ شاعر هاري کي دعا ڏيندي چئي ٿو ته اي هاري تنهنجي محنت سان ملڪ ۾ خوشحالي اچي وڃي ٿي نهن سان ملڪ جو ماڻ مٿاهون ٿئي ٿو. خدا ڪري تون وڏي عمر حاصل ڪرين.

JOIN FOR MORE!!!

NEWTON'S INN COACHING CENTRE
A PROJECT OF WORLD WIDE EDUCATIONAL NETWORK

# خلاصو

JOIN FOR MORE!!!

## حجته الوداع وارو خطبو

هن سبق ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي آخري حج جو ذڪر ڪيل آهي. جنهن ۾ عرفات جي ميدان ۾ پاڻ سڳورن ﷺ مسلمانن کي پنهنجي حياتي مبارڪ جو آخري خطبو ڏنو. پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي خطبي ۾ مسلمانن کي نصيحت ڪندي فرمايائون ته! عورتن سان عدل و انصاف ٻانهن سان شفقت، يتيمن سان مهرباني ۽ مسڪينن جي سنڀال ڪريو. هرهڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي ۽ سڀ مسلمان هڪ برادري آهن. قرآن مجيد ۽ اهل بيت کي مضبوطي سان جهليندا ته ڪڏهن به گمراه نه ٿيندا، قرآن شريف جي دستور کي ساه سان سانڍي رکو. هڪٻئي جي لڄ ۽ ملڪيت جو احترام ڪريو، پنج وقت نماز پڙهو، ماهِ رمضان ۾ روزا رکو، مذهب ۾ انتها پسندي کان بچندا رهو، هدايتي حڪمن جي اطاعت ڪريو ته الله تعالى جي جنت ۾ داخل ٿيندو. خطبي جي پڇاڙي ۾ نبي ڪريم ﷺ تاڪيد فرمائي ته جيڪي شخص هتي موجود آهن، سي غير موجود شخص تائين هي پنهنجو پيغام پهچائين.

| اصطلاحون | سنڌي معني | اردو معني |
|---|---|---|
| ڳوءِ کٽي وڃڻ | ڪنهن کان بازي کٽڻ | کسی سے جیت جانا بازی لے جانا۔ |
| نالو ڳائجڻ | ڪنهن جو نالو روشن ڪرڻ | نام روشن کرنا۔ |
| ش قدم تي هلڻ | ڪنهن جي پيروي ڪرڻ | کسی کی پیروی کرنا۔ |
| لي نه خالي موٽائڻ | ڪنهن به ضرورت مند کي خالي واپس نه ڪرڻ | کسی سوالی کو خالی واپس نہ کرنا۔ |
| هڙان ڏيڻ | پنهنجي کيسي مان ڏيڻ. | اپنی جیب سے دینا۔ |
| اکين ۾ هجڻ | ياد هجڻ | یاد رہنا۔ |
| لذت ڇڏڻ | بي مزو ٿيڻ | بے مزہ ہو جانا۔ |
| ساهه صحت ٿيڻ | صحتياب ٿيڻ | صحتیاب ہونا۔ |
| سر صدقو ڪرڻ | جان قربان ڪرڻ | جان قربان کرنا۔ |
| پاڻ ملهائڻ | پاڻ کي ثابت ڪرڻ | اپنا لوہا منوانا۔ |
| نينهن نڀائڻ | وفا ڪرڻ | وفا کرنا۔ |
| رنگ لڳائڻ | ترقي اچڻ | ترقی کرنا۔ |
| ڳڻ ڳائڻ | ڪنهن جي تعريف ڪرڻ | کسی کی تعریف کرنا |

JOIN FOR MORE!!!